# ڪهڙي بري دُنيا آهي؟

سنڌي




شيخ طريقت، امير اهلسنّت، باني دعوتِ اسلامي، حضرت علّامه مولانا ابو بلال

مُحمّد الياس عطّار قادري رضوي

دامت برڪاتهم العاليه

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الۡمُرۡسَلِيۡنَ

اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ؕ

## ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي
ڇڏيو اِنۡ شَآءَالله جيڪو ڪجھ پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افۡتَحۡ عَلَيۡنَا حِكۡمَتَكَ وَانۡشُرۡ عَلَيۡنَا رَحۡمَتَكَ يَا ذَاالۡجَلَالِ وَالۡاِكۡرَام

ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي
پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!

(مستطرف ج ۱ ص۴۰ دار الفکربيروت)



طالب غم
مدينہ
بقيع
و
مغفرت

(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)

رسالي جو نالو: **ڪهڙي دنيا بري آهي؟**

ڇاپو پهريون: ذو القعده 1443ھ جون 2022ع

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ بابُ المدينہ ڪراچي

**مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي**

**ڪتاب خريد ڪندڙ توجھ فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ
۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

# ڪهڙي دنيا بري آهي؟

## پيشڪش

**اسلامڪ ريسرچ سينٽر** (دعوت اسلامي)

## ترجمو

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينه ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.ne

# فھرست

ڪھڙي دنيا بري آھي ؟ ............................ 1
ڪھڙي دنيا بُري آھي؟ ............................ 1
دُرود شريف جي فضيلت ............................ 1
اسلام جي ھيبت دلين مان نڪرڻ جو سبب .................. 1
دنيا جي باري ۾ خصوصي معلومات تي مشتمل مدني گل ........ 2
دنيا راند روند آھي ............................ 2
دنيا جي معنيٰ ............................ 3
دنيا ڇا آھي ؟ ............................ 4
ڪھڙي دنيا سٺي ڪھڙي دنيا قابل مذمت ؟ .................. 4
دنيا جو ڪھڙو ڪم الله جي لاءِ آھي ۽ ڪھڙو نہ ؟ .............. 5
دنيا دار جي تعريف ............................ 6
دنياوي شين جي لذتن جي حيرت انگيز حقيقت ................ 6
ابليس جي ڌيءَ ............................ 7
نيري اکين واري بدصورت ٻُڍڙي ............................ 7
دنيا مٺي سرسبز آھي ............................ 8
دنيا ڇا تي بھترين ڪم ............................ 9
چار شين ڪان علاوه دنيا ملعون آھي ...................... 10
دنيا مڇر جي پر ڪان بہ وڌيڪ ذليل آھي .................... 10
غير مسلمانن جي خوشحالي عارضي آھي .................... 13

مُئل ٻڪري ........................................ 14
ٻہ مَڇيون پڪڙڻ وارن جي حڪايت ........................ 15
نافرمان کي پسنديده شيون ملڻ خطري جي گهنٽي آهي ............ 16
هٿوهٿ سزا جي حڪمت ................................ 17
مبلغ جي بخشش ٿي وئي ................................ 18
جيڪو روئي ٿو ان جو ڪم ٿئي ٿو ........................ 19

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہِ رَبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الۡمُرۡسَلِیۡنَ
اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیۡطٰنِ الرَّجِیۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ ؕ

# ڪهڙي دنيا بُري آهي؟

**دعاءِ عطار** يااللہ پاڪ! جيڪو بہ مڪمل رسالو ”ڪهڙي دنيا بري آهي؟“ پڙهي يا ٻڌي وٺي، اُن جي دل مان دنيا جي محبت پري ڪري ان کي پنهنجي ۽ پياري پياري سڀ کان آخري نبي صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي محبت عنايت فرماءِ ۽ ان کي بي حساب بخشي ڇڏ.

اٰمين بِجاهِ خاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

## دُرود شريف جي فضيلت

سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي: قيامت جي ڏينهن ماڻهن ۾ منهنجي تمام ويجهو اهو شخص هوندو جنهن مون تي گهڻو درود پڙهيو هوندو. (ترمذی،2/27،حديث:484)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## اسلام جي هيبت دلين مان نڪرڻ جو سبب

افسوس! اڄ امت جي اڪثريت دنيا کي تمام گهڻي اهميت ڏيڻ جي ڪري اسلام جي حقيقي محبت کان محروم ٿيندي پئي وڃي، هن جي ڀيانڪ نتيجن جي ضمن ۾ هڪ حديث شريف ملاحظہ فرمايو، جيئن تہ حضرت ابوهريره رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ کان مروي آهي تہ الله پاڪ جي سچي نبي صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمان عبرت نشان آهي: جڏهن منهنجي امت دنيا کي وڏي شيء سمجهڻ لڳندي تہ

اسلام جي هيبت انهن مان نڪري ويندي ۽ جڏهن نيڪي جو حڪم ڏيڻ ۽ برائي کان منع ڪرڻ ڇڏي ڏيندي تہ وحي جي برڪت کان محروم ٿي ويندي ۽ جڏهن پاڻ ۾ گارگند اختيار ڪندي تہ الله پاڪ جي بارگاھ ۾ عزت جي مقام کان ڪري پوندي (نوادرُالاصول ج 1 ص 679 حديث 933)

دنیا کی محبّت سے دل پاک مرا کر دو بُلوا کے شہنشاہِ اَبرار مدینے میں
(وسائلِ بخشش ،ص198)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## دنيا جي باري ۾ خصوصي معلومات تي مشتمل مدني گل

## دنيا راند روند آهي

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! هن روايت ۾ بيان ڪيو ويو آهي تہ جڏهن اُمت دنيا کي گھڻي اهميت ڏيڻ لڳندي تہ اسلام جي هيبت انهن مان نڪري ويندي. واقعي دنيا کي "وڏي شيءِ"سمجھڻ تمام بُرو آهي، آخرت جو ثواب ڪمائڻ جي نيت سان دنيا جي باري ۾ خصوصي معلومات تي مشتمل ڪجھ مدني گل پيش ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، دعوت اسلامي جي مڪتبة المدينہ جي ترجمي واري قرآن "ڪنزالايمان مع

خزائن العرفان” صفحي 252 تي سيپاري 7 سورةُ الانعام آيت نمبر 32 ۾ ربّ تعاليٰ جو فرمان آهي:

وَ مَا الۡحَيٰوةُ الدُّنۡيَاۤ اِلَّا لَعِبٌ وَّ لَهۡوٌ ؕ وَلَلدَّارُ الۡاٰخِرَةُ خَيۡرٌ لِّلَّذِيۡنَ يَتَّقُوۡنَ ؕ اَفَلَا تَعۡقِلُوۡنَ ﴿۳۲﴾

**ترجمو كنزالعرفان:** ۽ دنيا جي زندگي تہ صرف راند روند آهي ۽ بيشڪ آخرت وارو گهر ڊڄڻ وارن جي لاءِ بهتر آهي پوءِ ڇا توهان سمجهو نہ ٿا؟.

**صَدۡرالۡاَفاضِل حضرت علامہ مولانا سيِّد محمد نعيمُ الدّين مراد آبادي** رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه خزائن العرفان ۾ هن آيت مبارڪ جي حوالي سان فرمائن ٿا: نيڪيون ۽ فرمانبرداريون (يعني عبادتون) جيتوڻيڪ مؤمن کان دنيا ۾ ئي واقع ٿين، پر اهي اُخروي اُمور مان آهن. هن مان ثابت ٿيو تہ مُتَّقِين (يعني نيڪ ٻانهن جي اعمال) کان علاوه دنيا ۾ جيڪو ڪجهه آهي سو سمورو لَهو ۽ لَعب (يعني راند روند) آهي.

دنيا کے غموں کی تم للہ دوا دیدو
بلوا کے غم اپنا دو سرکار مدینے میں

(وسائلِ بخشش ص196)

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب!   صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## دنيا جي معنيٰ

دعوت اسلامي جي مڪتبة المدينہ جي 868 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”اصلاحِ اعمال“ (جلد پهريون) جي صفحي 128 کان 129 تي

آھي: دنيا جي لُغوي معنيٰ آھي: ”ويجھو“ ۽ دنيا کي دنيا انھيءَ ڪري چون ٿا جو ھي آخرت جي نسبت انسان جي گھڻو ويجھو آھي يا انھي ڪري جو ھي پنھنجي خواھشن ۽ لذتن جي سبب دل جي گھڻو ويجھو آھي. (حديقة الندية ج 1 ص 17)

## دنيا ڇا آھي؟

حضرت علامہ بدرُالدّين عَيني رَحْمَۃُ اللہِ عَلَيْہ بخاري شريف جي شرح ”عُمدةُ القاري“ جلد 1 صفحي 52 تي لکن ٿا: ”دارِ آخرت کان پھريان تمام مخلوق دنيا آھي.“ (عمدة القاري ج 1 ص 52) انھي اعتبار سان سون چاندي ۽ ان سان خريد ڪيون ويندڙ تمام ضروري ۽ غير ضروري شيون دنيا ۾ داخل آھن.

(حديقة الندية ج 1 ص 17)

## ڪھڙي دنيا سٺي ڪھڙي دنيا قابل مذمت؟

دنياوي شين جا ٽي قسم آھن: ﴿1﴾ اھي دنياوي شيون جيڪي آخرت ۾ ساٿ ڏينديون آھن ۽ ان جو نفعو موت کان پوءِ بہ ملندو آھي، اھڙيون شيون صرف بہ آھن: **عِلم** ۽ **عمل**، عمل مان مراد اخلاص سان اللہ تعاليٰ جي عبادت ڪرڻ ۽ دنيا جو ھي قِسم محمود (يعني تمام سٺو) آھي ﴿2﴾ اھي شيون جنھن جو فائدو صرف دنيا تائين محدود رھندو آھي آخرت ۾ ان جو ڪو ثمر ناھي ملندو جيئن گناھن جي لذت حاصل ڪرڻ، جائز شين

مان ضرورت کان وڌيڪ فائدو حاصل ڪرڻ، مثلاً زمين جائيداد، سون چاندي، عمده ڪپڙا ۽ سنا سنا کاڌا، ۽ هي دنيا جي مَذموم (يعني مذمت لائق) قِسم ۾ شامل آهن ﴿3﴾ اهي شيون جيڪي نيڪين تي مددگار هجن جيئن ضروري غذا، ڪپڙا وغيره. هي قسم بہ محمود (يعني سٺي) آهي پر جيڪڏهن صرف دنيا جو فوري فائدو ۽ لذت مقصد هجي تہ هاڻي هي دنيا مذموم (يعني قابل مذمت) چورائيندي. (احياءُ العلوم ج 3 ص 270-271)

دنیا کے نظاروں سے بَھلا کیا ہو سَروکار
عُشّاق کو بس عشق ہے گلزارِ نبی سے
(وسائلِ بخشش، ص202)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## دنيا جو ڪهڙو ڪم الله جي لاءِ آهي ۽ ڪهڙو نہ ؟

دنياوي ڪمن جا ٽي قسم آهن: ﴿1﴾ ڪجھ اهي ڪم آهن جنهن جي باري ۾ اهو تصور نٿو ڪري سگهجي تہ هي الله تعاليٰ جي لاءِ ڪيا ويا آهن مثلاً ناجائز ۽ حرام ڪم ﴿2﴾ ڪجھ ڪم اهي آهن جيڪي الله تعاليٰ جي لاءِ بہ ٿي سگهن ٿا ۽ ان جي غير جي لاءِ بہ مثلاً غور ۽ فڪر ڪرڻ ۽ خواهشات کان رڪجڻ، جو تہ جيڪڏهن ماڻهن ۾ پنهنجي مقبوليت وڌائڻ جي لاءِ ۽ بزرگي حاصل ڪرڻ خاطر غور ۽ فڪر ڪيو يا خواهشات کي صرف انهيءَ ڪري ڇڏيو جو مال جي بچت ٿئي يا صحت

سنئي رهي تہ هاٽي هي کم رضاءِ الٰهي جي لاءِ نہ ٿيندا ﴿3﴾ ڪجھ اهي کم آهن جيڪي ظاهري طور تہ نفس جي لاءِ هجن پر حقيقت ۾ الله پاڪ جي رضا جي نيّت سان ڪيا ويا هجن جيئن غذا کائڻ، نڪاح ڪرڻ وغيره. (احياء العلوم،3/273)

تاجِ شاہی اس کے آگے ہیچ ہے
مصطفٰے کی جس کو الفت مل گئی

(وسائلِ بخشش ص209)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## دنيا دار جي تعريف

جڏهن ٻانهو آخرت جي بهتري جي ارادي سان دنيا مان ڪجھ ڪٽندو تہ ان کي دنيادار نہ چئبو، بلڪ ان جي حق ۾ دنيا آخرت جي پوک هوندي آهي ۽ جيڪڏهن ذاتي خواهش ۽ لذت حاصل ڪرڻ جي ڪري اهي شيون حاصل ڪري ٿو تہ اهو دنيادار آهي.
(احياء العلوم،3/272)

## دنياوي شين جي لذتن جي حيرت انگيز حقيقت

دنيا ۾ حقيقي لذت ڪنهن شيء ۾ ناهي البت ماڻهو تڪليفن جو خاتمو ڪرڻ واري شين کي لذت جو نالو ڏيندا آهن، مثلاً کائڻ ۾ انهيءَ ڪري لذت آهي جو اها بک جي تڪليف کي ختم ڪري ٿي اهوئي سبب آهي جو جڏهن بک ختم ٿي ويندي آهي تہ کائڻ ۾ لذت محسوس ناهي ٿيندي، ائين ئي پاڻي انهي

ڪري وٺندو آھي جو اُج کي ختم ڪري ٿو، جڏھن اُج ختم ٿي وئي تہ لذت بہ ختم ٿي ويندي آھي، حقيقي لذتون تہ جنت ۾ نصيب ٿينديون چو تہ جنتين کي جڏھن ڪا تڪليف ئي نہ ٿيندي تہ انھن (تڪليفن) کان ڇوٽڪارو ڏيڻ وارين شين جو وجود ڪٿي ھوندو؟ تنھنڪري ان جون لذتون حقيقي ھونديون مثلاً انھن جي کائڻ پيئڻ جون لذتون اصلي ھونديون، صرف بک ۽ اُج ختم ڪرڻ جي لاءِ نہ ھونديون (حديقةُ الندية ج 1 ص 19 ملخصاً)

## ابليس جي ڌيءَ

حضرت علي خَوَّاص رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: دنيا اِبليس لَعِين (يعني لعنتي شيطان) جي ڌيءَ آھي ۽ ھن (يعني دنيا) کان محبت ڪرڻ وارو ھر شخص ان جي ڌيءَ جو مڙس آھي، ابليس پنھنجي ڌيءَ جي ڪري ان دنيادار شخص وٽ ايندو ويندو آھي، تنھنڪري منھنجا ڀاءُ! جيڪڏھن اوھان شيطان کان محفوظ رھڻ چاھيو ٿا تہ ان جي ڌيءُ (يعني دنيا) سان رشتو قائم نہ ڪريو. (حديقة الندية ج 1 ص 19)

## نيري اکين واري بدصورت ٻُڍڙي

حضرت فُضَيل بن عِياض رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه چون ٿا: حضرت عبداللّٰہ بن عباس رَضِیَ اللهُ عَنۡهُما جن فرمايو: قيامت جي ڏينھن نيري اکين واري نھايت بدصورت ٻُڍڙي جنھن جا ڏند اڳيان نڪتل ھوندا ماڻھن جي سامھون ظاھر ٿيندي ۽ انھن کان پڇا ڪئي ويندي: ھن کي

سجاڳو ٿا؟ ماڻهو چوندا: اسان هن جي سجاڳپ ڪان الله پاڪ جي پناهه چاهيون ٿا، چيو ويندو: هي اها ئي دنيا آهي جنهن تي اوهان فخر ڪندا هئا، هن دنيا جي ڪري قطع رِحمي ڪندا يعني رشتيدارين ٽوڙيندا هئا، انهيءَ جي ڪري هڪٻئي سان حسد ۽ دشمني ڪندا هئا، پوءِ ان (بُڍڙي جهڙي دنيا) کي جهنم ۾ وڌو ويندو تہ رڙيون ڪندي: اي منهنجا پروردگار! منهنجي پيروي ڪرڻ وارا ۽ منهنجي جماعت ڪاٿي آهي؟ الله پاڪ فرمائيندو: انهن کي بہ ان سان گڏ ڪيو.

(ذمُّ الدنيا مع موسوعة الامام ابن ابي الدنيا ج 5 ص 72 رقم 123)

دولتِ دنیا سے بے رغبت مجھے کر دیجئے
میری حاجت سے مجھے زائد نہ کرنا مالدار

(وسائلِ بخشش ص398)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## دنيا مٺي سرسبز آهي

رسولِ اڪرم صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان مُعَظَّم آهي: دنيا مٺي سرسبز آهي، جيڪو هن ۾ حلال طريقي سان مال ڪمائي ٿو ۽ صحيح حقوق ۾ خرچ ڪري ٿو الله پاڪ ان کي ثواب عطا فرمائيندو ۽ ان کي جنت ۾ داخل فرمائيندو ۽ جيڪو ان ۾ حرام طريقي سان مال ڪمائيندو آهي ۽ ان کي غير حق ۾

خرچ ڪندو آھي، اللّٰہ ان کي دَارُالهَوَان (يعني ذلت جي گھر) ۾ داخل فرمائيندو. (شعب الايمان ج 4 ص 396 حديث 5527)

حضرت علامہ عبدالرّؤف مُناوي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه ھن حديث پاڪ جي حوالي سان ”فيضُ القَدِير“ ۾ تحرير فرمائن ٿا: خبر پئي تہ دنيا في نفسهٖ (يعني دراصل. حقيقت ۾) مذموم ناھي، چوتہ دنيا آخرت جي پوک آھي، انھيءَ ڪري جيڪو شخص شريعت جي اجازت سان دنيا جي ڪا شيء حاصل ڪري تہ ھي شيء آخرت ۾ ان جي مدد ڪندي آھي. (فيض القدير ج 3 ص 728 تحت الحديث 4273)

حُسنِ گلشن میں سَرا سَر ہے فریب اے دوستو!
دیکھنا ہے حُسن تو دیکھو عرب کے ریگزار

(وسائلِ بخشش ص399)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## دنيا جا ٽي بھترين ڪم

اللّٰہ پاڪ جي آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: دنيا ۾ جيڪو ڪجھ ھن ۾ آھي مَلعون (يعني لعنتي) آھي سواءِ نيڪي جو حڪم ڏيڻ جي يا برائي کان منع ڪرڻ جي يا اللّٰہ پاڪ جو ذڪر ڪرڻ جي. (الجامع الصغير ص 260 حديث 4282)

حضرت علامہ عبدالرؤف مناوي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه ھن حديث پاڪ جي حوالي سان ”فيض القدير“ ۾ تحرير فرمائن ٿا: بيشڪ ھي ڪم (يعني نيڪي جو حڪم ڪرڻ، برائي کان منع ڪرڻ ۽ ذِڪرالله)

جيتوڻيڪ دنيا ۾ ئي ڪيا ويندا آهن پر هي دنياوي ڪم نہ آهن بلڪ هي تہ آخرت جا عمل آهن جيڪي جنّت جي نعمتن تائين پهچڻ جو وسيلو آهن، تنهنڪري هر اهو ڪم جنهن سان رضاءِ الٰهي مقصد هجي اهو ان لعنت کان مُسْتَثْنيٰ (يعني الڳ) آهي.

(فيض القدير ج 3 ص 735 تحت الحديث 4282)

## چار شين کان علاوه دنيا ملعون آهي

تاجدار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ باقرينہ آهي: هوشيار رهو دنيا لعنتي شيء آهي ۽ جيڪو ڪجھ دنيا ۾ آهي اهو مَلعون آهي سواءِ الله تعاليٰ جي ذڪر ۽ ان (شيء) جي جيڪو رب تعاليٰ جي ويجهو ڪري، ۽ عالم ۽ طالب علم جي.

(سنن ترمذي ج 4 ص 144 حديث 2329)

مشهور مفسر، حڪيمُ الْاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه هن حديث پاڪ جي حوالي سان فرمائن ٿا: جيڪا شيء الله ۽ ان جي رسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان غافل ڪري اها دنيا آهي يا جيڪا الله ۽ رسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ناراضگي جو سبب ٿئي اها دنيا آهي. ٻارن ٻچن جي پرورش، غذا، لباس، گهر وغيره (شريعت جي نافرماني کان بچندي) حاصل ڪرڻ انبياءِ ڪرام جي سنّت آهي، هي دنيا ناهي. (مِراةُ المناجيح ج 7 ص 17)

## دنيا مڇر جي پر کان بہ وڌيڪ ذليل آهي

پياراپيارا اسلامي ڀائرو! دنيا نهايت ذليل ۽ حقير آهي، هن کي

اھم سمجھي ونڻ عقلمندي ناھي ھي تہ مڇر جي پر ڪان بہ وڌيڪ ذليل آھي. دعوت اسلامي جي مڪتبة المدينہ جي 561 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”ملفوظاتِ اعليٰ حضرت“ صفحي 464 ڪان 465 تي منھنجا آقا اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه دنيا جي مذمت جي باري ۾ فرمائن ٿا تہ حديث پاڪ ۾ آھي: ”جيڪڏھن دنيا جي قدر الله (پاڪ) جي ويجھو ھڪ مڇر جي پر برابر (بہ) ھجي ھا تہ (پاڻي جو) ھڪ ڍُڪ (بہ) ان مان ڪافر کي نہ ڏئي ھا.

(ترمذي ج 4 ص 144 حديث 2327)

(دنيا) ذليل آھي (انھيءَ ڪري) ذليلن کي ڏني وئي، جڏھن ڪان ان کي بڻايو آھي ڪڏھن بہ ان ڏانھن نظر نہ فرمائي، دنيا، آسمان ۽ زمين جي وچ ۾ فضا ۾ مُعَلَّق (يعني لٽڪيل) آھي، فرياد ۽ زاري ڪندي (يعني روئيندي) آھي ۽ چوندي آھي: اي منھنجا رب! تون مون ڪان ڇو ناراض آھين؟ وڏي عرصي ڪان پوءِ ارشاد ٿيندو آھي: ”چپ خَبِيثہ!“ (پوءِ فرمايو) سون چاندي خدا جا دشمن آھن. اھي ماڻھو جيڪي سون چاندي سان محبت رکن ٿا قيامت جي ڏينھن پڪاريا ويندا ڪٿي آھن اھي ماڻھو جيڪي خدا جي دشمن سان محبت رکن ٿا، الله تعاليٰ دنيا کي پنھنجي محبوب (يعني پيارن بانھن) ڪان ائين پري ڪندو آھي جيئن بلاتشبيہ بيمار پار کي ان جي ماءُ مُضِر (يعني نقصان وارين) شين

ڪان پري رکندي آهي (سيپاري 15 سورة بني اسرائيل آيت نمبر 11 ۾ ارشاد ٿئي ٿو:)

وَيَدۡعُ الۡاِنۡسَانُ بِالشَّرِّ دُعَآءَهٗ بِالۡخَيۡرِ ؕ وَكَانَ الۡاِنۡسَانُ عَجُوۡلًا ﴿۱۱﴾

**ترجمو ڪنزالعرفان**: ۽ (ڪڏهن) انسان برائي جي دعا ڪندو آهي جيئن اهو ڀلائي جي دعا ڪندو آهي ۽ انسان وڏو جلد باز آهي.

ماڻهو پنهنجي واتان (ائين) برائي گهرندو آهي جيئن پنهنجي لاءِ ڀلائي گهرندو آهي: الله (پاڪ) چاهي ٿو ته (جيڪو ڪجھ گهري رهيو آهي) ان ۾ ڪيترو نقصان آهي (تنهنڪري) هي (ٻانهو) دعا گهرندو آهي ۽ اهو (پروردگار ٻانهي کي نقصان کان بچائڻ خاطر ان کي گهريل شيءِ) ناهي ڏيندو.

(پوءِ فرمايو: سيپاري 4 سورة الِ عمران جي آيت نمبر 196 ۽ 197 ۾) ارشاد آهي:

لَا يَغُرَّنَّكَ تَقَلُّبُ الَّذِيۡنَ كَفَرُوۡا فِي الۡبِلَادِ ﴿۱۹۶﴾ؕ مَتَاعٌ قَلِيۡلٌ ثُمَّ مَاۡوٰىهُمۡ جَهَنَّمُ ؕ وَ بِئۡسَ الۡمِهَادُ ﴿۱۹۷﴾

**ترجمو ڪنزالعرفان** : اي مخاطب! ڪافرن جو شهر ۾ هلڻ ڦرڻ هرگز توکي ڌوڪو نه ڏئي. (هي ته زندگي گذارڻ جو) ٿورڙو سامان آهي پوءِ انهن جو ٺڪاڻو جهنم ٿيندو ۽ اهو ڪھڙو نه برو ٺڪاڻو آهي.

(ملفوظاتِ اعليٰ حضرت ص 464 تا 465)

ياربّ! غمِ حبيب ميں رونا نصيب ہو
آنسو نہ رائيگاں ہوں غمِ رُوزگار ميں

(وسائلِ بخشش ص 407 )

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## غير مسلمانن جي خوشحالي عارضي آهي

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ذهن ۾ هرگز اهو خيال نہ آڻيو تہ اسان مسلمان هئڻ باوجود دنيا جي ڪيئي نعمتن کان محروم ۽ عاجز آهيون جڏهن تہ غير مسلم قومون دنياوي طور تي نهايت خوشحال ۽ مالامال آهن، يقين رکو تہ مسلمانن لاءِ جنت جون ابدي يعني هميشہ هميشہ رهڻ واريون نعمتون آهن جڏهن تہ غير مسلمانن جي لاءِ مرڻ کان پوءِ ڪا راحت ناهي ۽ انهن جي لاءِ آخرت ۾ پڙڪندڙ باهہ ۽ جهنم جو دائمي عذاب آهي. دعوتِ اسلامي جي مکتبة المدينه جي ترجمي واري قرآن پاڪ "ڪنزالايمان مع خزائن العِرفان" صفحي 904 تي سيپاري 25 سورة الزُخرُف آيت نمبر 33 کان 35 ۾ فرمان ربُّ العِباد آهي:

وَ لَوْ لَاۤ اَنْ یَّكُوْنَ النَّاسُ اُمَّةً وَّاحِدَةً لَّجَعَلْنَا لِمَنْ یَّكْفُرُ بِالرَّحْمٰنِ لِبُیُوْتِهِمْ سُقُفًا مِّنْ فِضَّةٍ وَّ مَعَارِجَ عَلَیْهَا یَظْهَرُوْنَ ﴿۳۳﴾ وَ لِبُیُوْتِهِمْ اَبْوَابًا وَّ سُرُرًا عَلَیْهَا یَتَّكِـُٔوْنَ ﴿۳۴﴾ وَ زُخْرُفًاؕ وَ اِنْ كُلُّ ذٰلِكَ

ترجموڪنزالعرفان: جيڪڏهن هي ڳالهہ نہ هجي ها تہ سڀ ماڻهو(ڪافرن جي) هڪ جماعت تي ويندا تہ اسان ضرور رحمٰن جي منڪرن جي لاءِ انهن جي گهرن جون ڇتيون ۽ ڏاڪڻيون چاندي جون بڻائي ڇڏيون ها جن تي اهي چڙهن ها. ۽ انهن جي گهرن جي لاءِ (چاندي جا) دروازا ۽ تخت

لَمَّا مَتَاعُ الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا ؕ وَالْاٰخِرَةُ عِنْدَ رَبِّكَ لِلْمُتَّقِيْنَ ﴿۳۵﴾

ٻٽائي ڇڏيون ها جن تي اهي ٽيڪ لڳائن ها. ۽ (اهي شيون انهن جي لاءِ) سون (بہ ٻٽائي ڇڏيون ها) ۽ هي جيڪو ڪجھ آهي سڀ دنياوي زندگي جو ئي سامان آهي ۽ آخرت تنهنجي رب وٽ پرهيزگارن جي لاءِ آهي.

کر مغفرت مری تِری رحمت کے سامنے میرے گناہ یاخدا ہیں کس شمار میں

(وسائلِ بخشش ص408)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## مُئل ٻڪري

ذڪر ڪيل آيت شريف ۾ مُتَّقِين يعني ”پرهيزگار ٻانهن“ جي وضاحت ڪندي صَدرُالاَفاضِل حضرت علامہ مولانا سيِّد محمد نعيمُ الدّين مراد آبادي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: ”(پرهيز گار اهي آهن) جنهن کي دنيا جي چاهت (يعني خواهش) ناهي.“ ترمذي جي حديث پاڪ ۾ آهي تہ جيڪڏهن دنيا جي قدر الله پاڪ جي ويجهو هڪ مڇر جي پر جي برابر (بہ) هجي ها تہ (پاڻي جو) هڪ ڍُڪ (بہ) ان مان ڪافر کي نہ ڏئي ها. (ترمذي ج 4 ص 144 حديث 2327)

ٻئي حديث پاڪ ۾ آهي تہ سيد عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمانبردارن جي هڪ جماعت سان گڏ تشريف وٺي وڃي رهيا هئا، رستي ۾ هڪ مُئل ٻڪري ڏٺي، فرمايائون: ڏسو ٿا! هن جي مالڪن هن

ڪي وڏي بيقدري سان اڇلائي ڇڏيو آهي! دنيا جي الله پاڪ وٽ ايتري بہ قدر ناهي جيتري بڪري وارن جي ويجهو اُن مُئَل بڪري جي هجي. ( ترمذی،4/144،حديث: 2328) **حديث**: سيد عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو تہ جڏهن الله پاڪ پنهنجي ڪنهن ٻانهي تي ڪرم فرمائيندو آهي تہ ان کي دنيا مان ائين بچائيندو آهي جيئن توهان پنهنجي بيمار کي پاڻي کان بچايو ٿا. (ترمذی،4/4، حديث:2044)

**حديث**: دنيا مومن جي لاءِ قيد خانو آهي ۽ ڪافر جي لاءِ جنت آهي. (ترمذی ،4/145، حديث:2331)(خزائن العرفان ،ص 904)

کيوں کریں نہ رَشک اُس پہ یہ جہاں کے تاجدار
ہاتھ جس کے عشقِ احمد کا خزینہ آگیا
(وسائلِ بخشش ص318)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ٻہ مَڇيون پڪڙڻ وارن جي حڪايت

حضرت فَقيہ ابواللَّيث سَمَرقندي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه نقل ڪن ٿا: هڪ روايت ۾ اچي ٿو اڳوڻي زماني ۾ هڪ مؤمن ۽ ڪافر مڇي جو شڪار ڪرڻ جي لاءِ نڪتا، ڪافر پنهنجي ڪوڙن مَعبودن جو نالو وٺي گهڻيون مڇيون پڪڙندو رهيو ۽ مڇين جو ڍير لڳي ويو، مؤمن الله پاڪ جو نالو وٺي ڄار اڇلائيندو رهيو پر هٿ ۾ ڪجهہ نہ آيو، شام جو صرف هڪ مڇي ڦاٿي، اها بہ تڙپي، ٽپو ڏئي پاڻي ۾ هلي وئي، مؤمِن موٽيو تہ خالي هو ۽ ڪافر ٽوڪرو ڀري ڪري موٽيو، مومن تي مامور (يعني مقرر ٿيل

ملائڪ افسوس ڪرڻ لڳو، الله تعاليٰ ان ملائڪ کي جنت ۾ مؤمن جو محل (۽ عاليشان مقام) ڏيکاريو ته اهو ملائڪ بي اختيار چوڻ لڳو: خدا جو قسم! هن عظيم الشان محل ۾ داخلي کان پوءِ هن مسلمان مُهاڻي کي مڇين جي شڪار ۾ ناڪامي واري مصيبت جي بلڪل ئي پرواهه نه هوندي ۽ ملائڪ کي جڏهن الله تعاليٰ جهنم ۾ ڪافر جو ٺڪاڻو ڏيکاريو ته اهو چوڻ لڳو: خدا جو قسم! هن عذاب جي مقام تي جڏهن هي پهچندو ته ان کي (گهٽيون مڇيون هٿ اچڻ واري) دنيا جي (عارضي) خوشي ڪو فائدو نه ڏيندي. (تنبيہُ الغافلين ص 136)

## نافرمان کي پسنديده شيون ملڻ خطري جي گهنٽي آهي

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! هن حڪايت مان درس مليو ته غير مسلمن جون دنياوي ترقيون ۽ دولت جي زيادتي (يعني مال جي گهڻائي) قابلِ رشڪ ناهي، غريب، تنگدست ۽ ڏکايل مسلمانن جي محشر ۾ عيد هوندي، نيڪ مسلمان کي پنهنجي خواهش جون شيون نه ملڻ تي دل ننڍي نه ڪرڻ گهرجي، جو بي نمازين ۽ گناهن ۾ مشغول رهڻ وارن جي هر دنياوي آرزو پوري ٿي وڃڻ پلائي جو دليل ناهي، خطري جي گهنٽي آهي. جيئن حضرت سيدنا عُقبہ بن عامر رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ کان روايت آهي. الله پاڪ جي سچي نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان عبرت نشان آهي: جڏهن توهان ڏسو ته الله پاڪ دنيا ۾ گنهگار ٻانهي کي اهي شيون

ڏئي رهيو آهي جيڪي ان کي پسند آهن ته ھي ان جي طرفان ڍر (يعني مهلت) آهي. (مسند امام احمد ج 6 ص 122 حديث 17313)

حکومت کی طلب دل میں، نہ خواہش تاجِ شاہی کی
نظر میں عاشقوں کے بس مدینہ ہی سماتا ہے
(وسائلِ بخشش ص312)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## هتوهت سزا جي حڪمت

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! الله پاڪ جي هر ڪم ۾ حڪمت هوندي آهي، غربت بلڪ هر طرح جي دنياوي تڪليف ۽ مصيبت تي صبر ڪري اَجر حاصل ڪرڻ گهرجي ڇو ته آفتون ۽ مصيبتون گناهن جي ڪفاري ۽ درجن جي بلندي جو سبب هونديون آهن جيئن ته حضور سيدالمرسلين صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: الله پاڪ جڏهن ڪنهن ٻانهي سان ڀلائي جو ارادو ڪندو آهي ته ان جي گناهه جي سزا فوري طور ان کي دنيا ۾ ڏئي ڇڏيندو آهي.
(مسند امام احمد ج 5 ص 630 حديث 16806)

حضرت مولانا روم رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا:

ہم خدا خواہی و ہم دُنیائے دُوں
ایں خیال است و مُحال است و جُنُوں

(تون خدا کي به چاهين ٿو ۽ ذليل دنيا کي به، تنهنجو هي خيال جنون يعني چرياڻپ ۽ محال يعني ناممڪن ڳالھ آهي)

مجھ کو دُنیا کی دولت نہ زر چاہیے
شاہِ کوثر کی میٹھی نظر چاہیے
(وسائلِ بخشش ص 289)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## مبلغ جي بخشش ٿي وئي

حضرت سُلَيم بن مَنصور رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا ته مون پنهنجي والد منصور بن عَمّار رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه کي وفات کان پوءِ خواب ۾ ڏسي پڇا ڪئي: ما فَعَلَ اللهُ بِکَ؟ يعني الله پاڪ اوهان سان ڪهڙو معاملو فرمايو؟ ته انهن ٻڌايو: منهنجي ربّ ڪريم ڪرم ڪرڻ کان بعد مون کي فرمايو: اي بد عمل ڪُراڙا! خبر اٿئي ته مون توکي ڇو بخشيو؟ مون عرض ڪيو: نه، اي منهنجا معبودَ! ته منهنجي رب ڪريم ارشاد فرمايو: تو هڪ اجتماع ۾ پنهنجي رقت انگيز بيان سان حاضرين کي روئاريو هو، ۽ ان بيان ۾ منهنجو هڪ اهڙو به ٻانهو هو جيڪو ڪڏهن به منهنجي خوف ۾ نه رنو هو پر تنهنجو بيان ٻڌي اهو به روئڻ لڳو، ته مون هن ٻانهي جي آهه و زاري تي رحم فرمائي ان کي ۽ اجتماع ۾ شريڪ ٿيندڙ سيني کي بخشي ڇڏيو انهيءَ ڪري تنهنجي به مغفرت ٿي وئي. (شرحُ الصُدور ص 283) الله پاڪ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.

اٰمين بِجاهِ خاتَمِ النَّبِيّيْن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

ترے خوف سے یا خدا یاالٰہی — مرے اَشک بہتے رہیں کاش ہر دم
میں تھر تھر رہوں کانپتا یاالٰہی — ترے خوف سے تیرے ڈر سے ہمیشہ

(وسائلِ بخشش ص78)

صَلُّوا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

# جيڪو روئي ٿو ان جو ڪم ٿئي ٿو

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! هن ۾ ڪو شڪ ناهي تہ ان مبلغن جو درجو نهايت بلند و بالا ۽ عظمت وارو آهي جيڪو پنهنجي رقت انگيز سنتن ڀري بيان سان ماڻهن جي دلين ۾ تڙپ پيدا ڪندا آهن ۽ الله پاڪ جي بارگاهِ بيڪس پناهہ ڪان وڇڙيلن ٻانهن کي پنهنجي پُرسوز بيان جي ڪشش سان متاثر ڪري دربار الٰهي ۾ آڻيندا آهن، يقيناً اخلاص سان سنيون سنيون نيتون ڪري نيڪي جي دعوت جون ڌومون مچائڻ وارا سعادت مند اسلامي ڀائر ٻنهي جهانن ۾ ڪامياب آهن. هن حڪايت مان هي خبر بہ پئي تہ خوف خدا ۾ جيڪو روئيندو آهي ان جو ڪم ٿيندو آهي. خوف خدا ۾ روئڻ نهايت سعادت جي ڳالهہ آهي بلڪ روئڻ واري جي برڪت سان نہ روئڻ وارن جو بہ ٻيڙو پار ٿي ويندو آهي تنهنڪري سنتن ڀري اجتماع ۾ شرڪت ڪرڻ ۽ اهڙن اجتماعن ۾ گهري ويندڙ رقت انگيز دعا ۾ حاضر رهڻ جون تمام گهڻيون برڪتون هونديون آهن، خبر ناهي ڪنهن روئڻ واري جي صدقي سيني حاضرين جي مغفرت جا اسباب ٺهجي وڃن!

ترٖپنے پھڑکنے کا دیدے سلیقہ
ترِے ڈر سے رونے کا سِکھلا طریقہ

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

## نيڪ نمازي بڻجڻ جي لاءِ

هر جمعرات نماز مغرب کان بعد اوهان جي علائقي ۾ ٿيندڙ دعوت اسلامي جي هفتيوار سنّتن ڀري اجتماع ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا جي لاءِ سُٺين سُٺين نيّتن سان سڄي رات شرڪت فرمايو. ❁ سنّتن جي تربيت جي لاءِ مدني قافلي ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ هر مهيني ٽي ڏينهن سفر ۽ ❁ روزانو "فڪرِ مدينہ" جي ذريعي مدني انعامات جو رسالو ڀري ڪري هر مدني مهيني جي پهرين تاريخ ۾ پنهنجي ذميدار کي جمع ڪرائڻ جو معمول بڻايو.

**منهنجو مدني مقصد:** "مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي" اِنْ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پنهنجي اصلاح جي لاءِ "مدني انعامات" تي عمل ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش جي لاءِ "مدني قافلن" ۾ سفر ڪرڻو آهي. اِنْ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ







عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي

UAN: +92 111 25 26 92 Ext: 7213

Web: www.dawateislami.net / E-mail: translation@dawateislami.net